

Gul Hayat Institute

# اڻون ماڻهو

(ڪهاڻيون)

سراج

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1991ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چوهتر

چپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ٽائيٽل: فتاح هاليپوٽو

پهريون ايڊيشن: نومبر ١٩٨٥ع

ٻيو ايڊيشن: نومبر ١٩٩١ع

قيمت: 25/- رپيا

(سڀ حق واسطا قائم)

Gul Hayat Institute

---

ATHOON MANHOON (Short Stories) by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition November 1985. Second Edition November 1991. Price Per Gopy Rs. 25/-

# انتساب

امر جليل جي نالي

سراج

Gul Hayat Institute

هند ۽ سنڌ جي مشهور و معروف مهان ليکڪ سراج جي ڪهاڻين جو مجموعو ”اٺون ساٿهو“ جو ٻيو ايڊيشن اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويو هو، ۽ ٻي ڇاپي لاءِ پڙهندڙن وٽان خط ايندا رهندا هئا. حالتون ٺيڪ نه هجڻ ڪري ٻيو ڇاپو دير سان شايع ٿي رهيو آهي.

سراج جا ٻيا ڪتاب ”ڦڙاڏو سوئي سڏ“، ”مرڻ مون سين آءُ“، ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، ”تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول“ ۽ ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ به نيوفيلڊس طرفان شايع ٿيل آهن.

— ادارو

Gul Hayat Institute

# فهرست

Gul Hayat Institute


| ڪهاڻيون | صفحو |
|---|---|
| ١. رت ورني رات | ٩ |
| ٢. نچڻي | ١٩ |
| ٣. هڪ مڙدو، ني لاش | ٤٣ |
| ٤. وڻ جو موت | ٥١ |
| ٥. ڪارونجهر جا مور | ٦٩ |
| ٦. مان جوئي آهيان، سوئي آهيان | ٩٩ |
| ٧. اٺون ماڻهو | ١١٧ |

## ٻهرين ايڊيشن جا

# ٻه اکر

ڪهاڻيون مون اڳي به لکيون، جن مان ڪي ڇپيون، ڪجهه مون نه ڇپايون. ڪهاڻيون اڄ به لکان پيو. انهن مان ڪي ڇپجن ٿيون، ڪي ڪونه ٿو ڇپايان. ان لاءِ ڪي ٻي سبب آهن، گهڻو ڪري اهي سبب سڀ جذباتي آهن. انهن جي هن وقت آپنار ڪرڻ نٿو گهران. وقت آيو ته انهيءَ جي وضاحت به ڪندس.

منهنجو ٻهريون مجموعو "اي درد هلي آءُ" اڄ کان ٢٤ سال اڳ شايع ٿيو. ڪن دوستن زور پريو ته هڪڙو ٻيو مجموعو به ڇپجي. ٻهرين سوچيم ته رکيو اڻ-ڇپيل ڪهاڻيون ڇپائجن. دوستن وري اسرار ڪيو ته ان ۾ ڪجهه اڳ ڇپيل ڪهاڻيون به هئڻ گهرجن، جيئن ڪتاب ۾ محفوظ ٿي وڃن. نيٺ وچٽرو فيصلو ڪيم ته في الحال ست ڪهاڻيون شامل ڪريان. انهن مان هڪڙي "هڪ مڙدو، ٻي لاش" ١٩٦٤ع ۾ ڇپي هئي، پر مهراڻ جي صاحبن ۽ پروف ريڊرن ان کي "هڪ" مرد ٻي "لاشا" بڻائي ڇڏيو.

سخت ڪاوڙ آئي هيم. هن ڪهاڻيءَ کي ان جي صحيح عنوان هيٺ شامل ڪيو اٿم. ان کانسواءِ هڪڙي ٻي ڪهاڻي ”رت - ورني رات“ ١٩٦٧ع ۾ ’نئين زندگي‘ ۾ ڇپي. ان ۾ شمشير آخري پئرا ڪٽي ڇڏي هئي. سائنس وڌي ٻيو هوس. پر سرڪاري پرچي هئڻ ڪري سندس مجبوريون محسوس ڪري ماٺ ڪيم. ان ڪهاڻيءَ کي پنهنجي اصل حالت ۾، آن ڪٽيل پئرا سميت، شامل ڪيو اٿم. باقي پنج ڪهاڻيون نيون آهن جيڪي ١٩٨٣ع کان ١٩٨٥ع واري عرصي ۾ لکيل ڪهاڻين مان چونڊيون اٿم. انهن مان ٻه ڪهاڻيون— ”اٺون ماٺهو“ ۽ ”وڻ جو موت“ برسات ۾ ڇپيون هيون. ٽي ڪهاڻيون — ”نچڻي“ ”ڪارونجهر جا مور“ ۽ ”مان جوئي آهيان، سوئي آهيان“ اڳ ڇپيل ڪونهن.

ڪهاڻين جي باري ۾ پاڻ ڪجهه نه چوندس. اڳ به ڪجهه نه چوندو هوس. جڏهن ڪهاڻين تي بحث ٿيا، تنقيدون ٿيون، تڏهن به ڪجهه ڪونه چيم. سو هاڻ به پاڻ ڪجهه نه چوندس. پر ته اسان جا پڙهندڙ ۽ نقاد انهن تي ڪجهه چون ۽ لکن. آءٌ انهن مان آهيان، جيڪي ڪجهه لکي بس اهو سوچيندا آهن، ته پنهنجي ٻوليءَ ۽ سنڌ جو قرض اجا گهڻو باقي آهي. ان ڪري لکڻ اسان لاءِ ذهني قرض جي ادائگي آهي. جيسين جيئرو آهيان، تيسين اها ادائگي ڪندو رهندس.

— سراج

٩-٧-ڊسمبر ١٩٨٥ع
ڪراچي

هن جي لوٽي کي ڦاڙي، هن جي مغزجي اڇي ڪاڙهي گوشت جا ڇيچڙا اڏائيندي، پوپان ڪنهن ڪامي جي ٽانو ۾ ڪپي ويئي— ۽ هو انهن ٿي سومل جي ٻانهن کي پاڪر ۾ جهلي اونڌو ٿي، منهن ڀر ڪري پيو.

* * *

بارڊر پوسٽ تي ٻنهي ملڪن جا ڪمانڊر، لاشن، زخمين ۽ قيدين جي مٽا سٽا لاءِ گڏ ٿيا هئا. جڏهن هن جو لاش هيٺ لاٿائون ته هن جي آڪڙيل پاڪر ۾ اڇا ٿانئين هڪ ٻانهن هئي، جنهن کي ڏونٺ کان هيٺ عاج جي ٻانهين پيل هئي، ۽ ان جو عاج رتائجي ويو هو.

هڪڙي ڪمانڊر لاش تي نظر وڌي: ”نه، هي اسان جو نه آهي....!“

ٻئي ڪمانڊر سا ڳئي لاش تي نظر وڌي، ۽ ڪنڌ ڌوڻيندي چيائين: ”هي اسان جو به نه آهي....!“

ڪمانڊرن لاءِ مسئلو پيدا ٿي پيو. هن لاش کي ۽ هن ٻانهن کي ڇا ڪن: ساڙين يا پورين؟ هو ڪجهه وقت ان مسئلي تي بحث ڪندا رهيا، پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيا.... ۽ هن جو لاش ۽ وڍيل ٻانهن، رڻ جي واريءَ ڪان اهو سوال پڇندا رهيا!

Gul Hayat Institute

# نچڻي

هن سان پهريون ڀيرو آءٌ موهن جي دڙي تي مليو هوس، هوءَ انهن صحافين ۾ شامل هئي جيڪي ”سنڌ صدين کان“ واري سيمينار جي ڪوريج لاءِ آيا هئا. مون تي اهو ڪم رکيل هو ته جڏهن ”ڊيليگيٽس“ ۽ صحافي موهن جو دڙو ڏسڻ هلن ته هنن ۽ سرڪاري عملدارن جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڏيان.

ميوزيم ۾ گهڙڻ وقت، هوءَ دروازي وٽ ئي بيهي رهي، جڏهن سڀ اندر مختلف شيون ڏسڻ لڳا، ۽ ميوزيم جو ”ڪيورٽر“ هنن کي سمجهاڻيون ڏيڻ لڳو، تڏهن آءٌ ٻاهر نڪري آيس. منهنجي بوٽ جي کڙڪي تي هن اکيون مٿي ڪيون مون ڏانهن نهاريو.

”اوهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“ مون رسمي طرح هن کان پڇيو. مون کي ائين لڳو، ڄڻ هوءَ پنهنجي رستي کان ڀٽڪي وئي آهي، ۽ ڪنهن عجيب وحشت هن جي اکين ۾ وسي رهي هئي.

”نه، آءٌ وڃائجي ويئي آهيان!“ هن جا اڇا چپ وڏا ڪ اڇا ٿي ويا هئا. سندس اکين جي ويرانيءَ سندس اڇي-ڳاڙهي ڀورڙي منهن کي ٻه سره جي ڦُلن جي پيلاڻ جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

”نه نه، هي ڏي ميوزيم آهي، جتي سڀني کي اچڻو هو....“

Gul Hayat Institute

مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"تون نٿو سمجهين. آءٌ پنهنجي وجود جي واٽ وڃائي ويٺي آهيان." هن عجيب حسرت مان چيو. هن جي انگريزيءَ ۾ فرينچ لهجو نمايان هو.

مون پهريون ڀيرو ڀرپور نظر سان هن کي ڏٺو. ڪاويهن ٽيويهن ورهين جي، ڪليل اڇو ڳاڙهو، يا هلڪو پيازي رنگ پوريون اکيون. ڪياڙيءَ تائين ٺهون ڪٽ ڪٽيل وار جن هن کي ڪجهه ڇوڪرائپ ڪيفيت ڏيئي ڇڏي هئي. سنها چپ، پريل ڳل پر مٿن آس جي ڪري پيدا ٿيندڙ ڏڦڙ ڏڦڙ چانئون، جيڪي عام يورپي ڇوڪرين کي گرم آب هوا ۾ پٽجي ويندڙيون آهن. سنهون نڪ، جنهن جي ڇيڙي ڪجهه پوئتي وريل. ڊگهي ڳچي، جنهن مان لاڪيٽ، هن جي ارهه جي وٿيءَ تي لڙڪي رهيو هو. سنهي جسم جي باوجود پريل پريل ارهه، ڪلهن کان مٿن تائين اگهاڙيون سڊول ٻانهون، جن تي به گرميءَ جي ڪري هلڪيون ناسي چانئون پٽجي ويون هيون. گوڏن کان مٿي اسڪرٽ جي ڪري هن جون ٽنگون، بلڪل سڌيون، ساسيريون. چيلهه سنهي، جنهن ۾ پيل پٽي هيڪاري ان کي بنهه سنهي ڪري ٿي ڏيکاريو.

"توهين اندر هلي موزيم ۾ شيون ڏسو ته دل ونڊري ويندي،" مون همدرديءَ طور چيو.

"نه نه، مون کي ڀؤ ٿو ٿئي...." هن اهي لفظ فرينچ ۾ چيا.

Gul Hayat Institute

لڳو.... هن شايد موهن جي دڙي تي ايترو ڪجهه پڙهيو آهي، ۽ قديم ديومالائن کي ايترو هنڊايو اٿس جو ’ڪل‘ ٽڙي وئي اٿس. مون کي هاڻ هن سان همدرديءَ سان گڏ اهو به خوف ٿيڻ لڳو ته ٻين يورپي سڪالرن ۽ صحافين جيڪڏهن هن کي ان حالت ۾ ڏٺو ۽ ٻڌو ته ڏاڍي ڳالهه ٿيندي. مون هن کي پرچائڻ جو سوچيو، جيئن ٿيڪ مونکي اهو ڏانءُ نه هو ته نفسياتي مريض سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

مون هن جي ڪلهي تي همدرديءَ جو هٿ رکندي چيو: ”تون گهبراءِ نه.... آءٌ توسان ساڻ آهيان.... تون هل اندر!“

هوءَ مون کي چنبڙي پئي. ڪرڙي وانگر پئي ڏڪي.

”مون کي نه وٺي هل، مون کي نه وٺي هل.... مان مري وينديس.... مهاپوڄاري مونکي ڪنجهي جي آويءَ ۾ وجهائي ڇڏيندو.... خدا جي واسطي، مون تي رحم ڪر....او خدا، مون تي رحم ڪر....!“

آءٌ سنجهي پيس. هن کي اندر وٺي وڃڻ ته هيڪاري جوکم وارو ڪم هو. خواهه مخواهه جو ”اسڪينڊل“ ٺهجي ويندو. ڪجهه سوچيندي مون هن کي آٿت ڏنو: ”ڇڱو ڀلا، اندر ڪونه ٿا هلون....اچ ته ٻاهر هلون....“

”ها نيرو، مون کي هتان وٺي هل.... پري، تمام پري .. جتي مهاپوڄاري به اسان کي ڳولي نه سگهي....“

هن مون کي ”نيرو“ سڏيو. مونکي ڌڪ ٿي ويو ته،

پابند آهيون. اميد ته توهان کي ڪو اعتراض نه هوندو.“

”بلاشڪ، جهڙي ڪپڙي سو چيڪ اپ ڪرا“ هن ڪنلي؟ مرڪ سان چيو.

ڊاڪٽر ڪافي دير هن جو معائنو ڪندو رهيو، ۽ هن سان ڳالهائيندو به رهيو. ڊاڪٽر ڪلندي هنکان پڇيو: ”اوهان کي خواب ڪهڙي قسم جا ايندا آهن؟“

هن به هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، ۽ چيائين: ”جوڪڏهن اوهين اوير وارا اهو ٿا سمجهو ته اسين يورپي رکو شهواني خواب ٿا ڏسون ته تون ڀليل آهين. اسين خواب به عام انسانن وارا ٿا ڏسون. انهن ۾ جنس سان لاڳاپيل خواب به ضرور هوندا آهن. پر ايترا نه جيترا اوهين سمجهو ٿا.“

ڊاڪٽر ويچارو ڪجهه ڪکو وکو ٿي ويو. شرم پرچائيندي چيائين: ”نه نه، منهنجواهومطلب نه هو. منهنجو مطلب هو ته خواب ڊيڇوڙي جا به ٿي سگهن ٿا، پنهنجي مري ويل مائٽن جا به ٿي سگهن ٿا، ۽ ڪي خواب بنهه سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙا به هوندا آهن.“

”عام رواجي خواب ڏسندي آهيان. منجهن اهڙي ڪابه ڳالهه نه هوندي آهي، جنهن کي ڪا خاص اهميت هجي....!“ هن جي جواب ۾ ڪابه بناوٽ يا اڪ سوچيل هتراد وجواب نه هو.

آءٌ ڊاڪٽر کي ڇڏڻ لاءِ وري لاڙڪاڻي موٽيس. واٽ تي ڊاڪٽر چيو: ”يار، بظاهر ته چاڪ چڱي ڀلي آهي.

۽ وڇان سينڌ نڪتل هئس.

”.... مهاپوڄاريءَ کان اجازت وٺي آئي آهيان تہ آءٌ پاڻ پنهنجي پريتم نيرو کي ارپي ڇڏيان.... اسين هڪٻئي کانسواءِ جيئرا رهي نہ سگهنداسون، سائين....“ هن جي آواز ۾ اهڙي وينتي ۽ ليلڙاهٽ هئي، جو مون ڀانيو تہ هوءَ روئي رهي هئي.

”.... توکي پاڻ ارپڻ جو ڪو حق نہ آهي.... تون ديوتائن کي ارپيل آهين.... تنهنجو سڀڪجهہ ديوتائن جو آهي.... تنهنجو جسم، تنهنجو روح — تنهنجو تن من ۽ آتما — سڀڪجهہ: انهن تي منهنجو حق آهي.... ۽ توکي منهنجي حڪم موجب نئين راجا جي اڳيان نچڻو آهي تہ جئن هو خونريزي بند ڪري، شهر کي ڀسم ڪرڻ کان باز اچي، ۽ ماڻهو هن جي ميڄتا لاءِ تيار تي وڃن....!“ هن جي آواز ۾ عجيب پڙاڏا هئا. مون محسوس ڪيو تہ انهيءَ آواز جي بازگشت ۾ سنگيت جي هڪ عجيب اڻ لکي ڏن بہ پڌڻ ۾ تي آئي.

”نہ، نہ.... مان نہ نچنديس، ڏاربن جي اڳيان، جيڪو اسان جي شهر کي تاراج ڪري چڪو آهي، جيڪو اسان جي ماڻهن کي غلام بنائي چڪو آهي....“ هوءَ هاڻ اوڇنگارون ڏيئي روئي رهي هئي ۽ آزيون نيزاريون ڪري رهي هئي.

”....اهو ديوتائن جو حڪم آهي.... ۽ توکي خبرآهي تہ ديوتائن جي حڪم نہ مڃڻ جي سزا ڇا آهي....“

Gul Hayat Institute

# هڪ مڙدو، ٻي لاش

اصغر جڏهن باريسٽري ڪري آيو، تڏهن پڻس ۽ رکيو شهر جي وڏن ماڻهن جي، پر پنهنجي تڪ جي سمورن زميندارن جي هڪ شاندار دعوت ڪئي هئي، ۽ ان دعوت جو نتيجو ڪو برو نه ٿيو هو. اصغر جي وڪالت جو ڏندو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو، ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ اصغر جڏهن پنهنجي هٿ اچڻ واري وقت کان اڳ جي ماضيءَ ۾ گهوري نهاريو ته هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ته ڪيس ڪنهن ڪاري ڪڪر ڏنگي وڌو هو. اڳي جو هو ڪا سماجي برائي ڏسندو هو ته سندس دل ڪڙهڻ لڳندي هئي، هاڻ ساڳي برائي ڏسي هن کي هڪ اڻلکي خوشي محسوس ٿيندي هئي. اڳي ڪنهن جانور جي موٽر هيٺان اچڻ تي ٻه ٻه ڏينهن هو ماني کائي نه سگهندو هو، ۽ هاڻ اسپتال ۾ کهاڙين سان چيريل انسان يا اسپتال جي مُڙدا-گهر ۾ ڪو انساني لاش ڏسندو هو ته هن کي هلڪو اطمينان ٿيڻ لڳندو هو. اڳ هو جڏهين به خواب ڏسندو هو ته هن کي اڪثر پيارا پيارا سهاڄهڙا ماڻهو، سفيد گلابن جا تاج پهريو، حسين جسمن سان رقص ڪندا نظر ايندا هئا، ۽ هاڻ هن جي خوابن ۾ قاميءَ تي لٽڪندڙ ماڻهو، کهاڙين ۽ لوڙهين سان چيريل لاش، ڇُرن ۽ چاقن سان چيريل پيٽ، رت ۾ ڳاڙهيون حسين جوانڙيون، لاش جي پٽن جا تاج پهريل ڳيرو جوان

نظر ايندا هئا، ۽ اهڙي خواب ڪان پوءِ هن جو سارو ڏينهن هڪ عجيب سڪون ۽ اطمينان ۾ گذرندو هو. ۽ سندس ڪنوار اهو سڪون ۽ اطمينان ڏسي، سمجهي ويندي هئي ته ان ڏينهن ڪيس ڪو خون جو ڪيس مليو هوندو، ۽ هوءِ ڪنهن نئينءَ ساڙهيءَ، ڪنهن نئين تحفي جي اميد ۾ سارو ڏينهن اطمينان ۽ خوشيءَ ۾ چال ڏيندي رهندي هئي.

اصغر جو دوست باريسٽر فلپ، انگلنڊ ڪان گهمي لاءِ آيو ته هن ڪي وري اهي ڏينهن ياد پيا، جڏهن هو ٻئي انگلنڊ ۾ ڪنهن پب يا ڪلب ۾، لنڊن-آمريڪن رقص جي ڌُنن تي ٿڙڪندا، ٿاهڙندا، ساري ساري رات گذاريندا هئا. هو مُنجهي پيو ته فلپ کي هت ڪهڙا ڪهڙا هنڌ گهمائي. هن کي هڪ خون جي ڪيس ۾ بدين وڃڻو هو. هن فلپ کي پاڻ سان ڪنيو ۽ کيس بدين گهمائي آيو. فلپ چپ چاپ بدين جي شهر، ڪورٽ ۽ ماڻهن کي ڏسندو رهيو، ۽ جڏهين هوجيپ ۾ چڙهي واپس حيدرآباد هلڻ لڳا، تڏهين به فلپ چپ رهيو. اصغر کان رهيو نه ٿيو، پڇي ويٺو، ”چو فلپ، تون ماٺ ڇو ٿي ويو آهين؟“

فلپ پهرين ته ڪو به جواب ڪونه ڏنو. پوءِ چيائين، ”مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي، ان ڪري چپ آهيان!“

اصغر به کلي ڏنو— ’هي ويچارو ڇا سمجهندو هتان جي وڪالت!‘

”تون منهنجي جواب نان کلين ڇو ٿو؟“

”دوست، تون هن وقت پنهنجي ملڪ جي معيار سان سڀڪجهه ڏسي رهيو آهين. ان ڪري تو کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندو. تنهنجي ملڪ ۾ وڪالت نهايت ڏکي آهي، ۽ هت نهايت مهانگي.“

”اهو ڏکئي ۽ مهانگي جوضد نه ڪجهه نئون فلسفو آهي!“ فلپ جي آواز ۾ ڪجهه ٽوڪ هئي.

”مون کي پڪ هئي ته تون اهو سوال ڪندين. پر حقيقت به ائين آهي. تنهنجي ملڪ ۾ ڏوهه جي قيمت سزا آهي، ۽ هت ڏوهه جي قيمت ڏوڪڙن ۾ ٿي ڪٿجي!“

فلپ جي منهن تي هاڻ نه اڀوجهائيءَ سان گڏ هڪ ڊپ ڳاڙڙ حيرت به هئي.

”سو نه تون تڏهين سمجهي سگهندين، جڏهين—“ ۽ عين ان وقت هن ڪي زور سان جيپ کي بريڪ ڏنو پيو. جيپ اڳيان، رستي جي پوري وچ تي، هڪ پير مرد پنهنجي جُتيءَ ۾ ڪنهن پٿر سان ڪوڪو ٺوڪي رهيو هو. اصغر جي وات مان گار نڪرندي رهجي ويئي: ”پريا مڙس،.... ڪٿيءَ ڪنيو اٿيئي چا!“

پريو مڙس رستي تان هٽي پري ته ٿيو، پر هن جي چهري تي ڪا خاص گهٻراهٽ نه هئي، يا سندس چهري تي چڙهيل لٽن ۾، ڊپ ۽ گهٻراهٽ جا احساس به لڪي ويا هئا. هن فقط ايترو چيو، ”جي، سائين!“

باوجود ڪاوڙ جي، اصغر ڪلي ڏنو. فلپ ويچارو ڪجهه نه سمجهندي، رکو پرئي مڙس کي چتائي ڏسي رهيو هو.

Gul Hayat Institute

پرڻي مڙس جي منهن ۾ هڪ عجيب ياسيت جو عالم هو، چاپئين ڏاڙهي، هونئن ته ڪجھ اڇي به هئي، ڪجھ لٽ جي ڪري پوري ٿي نظر آئي. سندس نرڙ ۾ گهنج اهڙا هئا، جن ڪي ڏسي ائين ٿي خيال ٿيو ته هن پرڻي مڙس سڄي عمر پهڻ ڪٽيندي گذاري آهي. اڇي پر مُرتيل ڪسي ڪپڙي جي قميص ۽ ڪاري سٿڻ ۾ مٿي تي ڪارو پٽڪو، جنهن جي ڪارڻ ۾ الاجي ڪيترا غريبيءَ جا عيب لڪل هئا، ۽ هٿ ۾ چنل گهيتلو.

اصغر پرڻي مڙس کان پڇيو: ”پريا مڙس، ڪيڏانهن تو وڃين؟“

”حيدراد“ (حيدرآباد).

”پوءِ ڪڏهين پهچندين؟“

”سائين، ڏينهڪا!“

۽ اصغر کان وري به ڪل نڪري ويئي، ۽ هن جيپ کي اڪٽي وڌايو.

فلپ ڪاٺونس اوچتو سوال ڪيو: ”ڪهڙيءَ ڳالھ تان کلئين؟“

”هتي جا ماڻهو به عجيب آهن. پڇيو مانس ته ’موت ڪنيو اٿئي ڇا‘، ته بنا ڪنهن هٿڪ جي جواب ڏنائين ته ’هائو‘! هنن ماڻهن لاءِ ته موت ۽ حياتيءَ ۾ ڪو فرق ئي ڪونهي!“

”ان ۾ کلڻ جي ڳالھ ڪهڙي هئي؟“

اصغر کي هاڻ فلپ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي: ’هي ته

ڪو فيلسوف ٿي ويو آهي، مزاح تي به ڪيس ڪل نٿي اچي .... هون!'

"ٻيو ڇا پڇيئين؟"

"پڇيومانس تہ 'ڪيڏانهن پيو وڃين'، تہ چيائين تہ 'حيدرآباد' ۽ 'هتان پنڌ حيدرآباد، هڪ ٻئي ڏينهن ۾ پهچڻ' تي مون کي کل اچي ويئي!"

"پوءِ تو ڇو نہ کيس حيدرآباد تائين ڪٺي هلڻ جي آڇ ڪئي!"

"فلپ! هن ملڪ ۾ جيڪڏهين ماڻهن کي پنهنجي گاڏين ۾ کڻڻ جي آڇ ڪرڻ لڳون، تہ سارو سال ماڻهو ڍوئيندي گذري وڃي."

اصغر کي پنهنجي انهيءَ 'ماڻهو ڍوئڻ' تي بہ کل اچي ويئي، ۽ فلپ هڪ عجيب نگاهہ سان هن کي تڪيندو رهجي ويو. ۽ ان نگاهہ ۾ ڪاوڙ، پشيمانيءَ ۽ بيوسيءَ جا احساس گڏجي، محض اهو جهاڳي بڻجي ويئي.

* * * *

ٻئي ڏينهن اصغر فلپ کي حيدرآباد جون ڪورٽون ڏيکارڻ نڪتو. ڪار کي پارڪ ڪرڻ لاءِ، جنهن موڙي رهيو هو تہ اڳيان ڪا شيءِ ڏسي بريڪ ڏنائين. ڪاوڙ سان هيٺ لٿو، تہ سندس منشي ڊوڙندو آيو، ۽ ان شي کي ٽڏو هڻي، چيائين "او پوڙها، مرڻو اٿئي ڪيئن، جو اتي سمهي رهيو آهين؟"

ستل پوڙهو، اوٻاسي ڏيندو، 'ڪر' موڙي اٿي ويٺو.

پريو مڙس هـو. ۽ ڪچ رات تائين بحث ڪرڻ کان پوءِ، ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ، ٻئي ڄڻا هڪٻئي کي دوستيءَ جو يقين ڏياريندا الوداع چئي وڃي سمهي پيا.

Gul Hayat Institute

# وڻ جو موت

هو ائين ئي بنا ارادي، ”شڪر پڙيان“ جي ڀاڙيءَ ڏانهن هليو آيو هو. اتي پهچي، هن پنهنجي پاڻ جو چيد ڪرڻ شروع ڪيو هو ته، هو اتي ڇو آيو هو؟ ڇا ڳولڻ آيو هو. مون کي شايد ڇانوَ جي ڳولا آهي، هن پنهنجي پاڻ کي جواب ڏنو. هو جڏهن کان هت آيو هو، تڏهن کان هو ڇانوَ ڳوليندو رهيو هو. هن کي يقين ٿي ٿي آيو ته هتي ڇانوَ نه هوندي. پاڇولا ضرور هئا، پر ڇانوَ بنهه ڪانه هئي. نتهن آس ۽ پاڇولي ۾ ڪو فرق ڪونه هو. پاڇولن ۾ به، به نتهن آس جي اُتت هئي.

هت پاڇولا به عجيب هئا. ماڻهن جا پاڇولا ڪاٺين وڏا هئا، وڻن جا پاڇولا وڻن کان ننڍا هئا، ۽ مسجد جي پاڇولن ۾ ماڻهن جا پاڇولا بلڪل الڳ ۽ علحده نظر ايندا هئا: پاڇولن ۾ پاڇولا، جڻ مسجد جي پاڇولن تي ماڻهن جا پاڇولا مٿان چنبڙيل هئا. پر انهن سمورن پاڇولن ۾ هڪ ڳالهه ساڳي هئي: انهن پاڇولن ۾ ڪابه ڇانوَ نه هئي.

هڪ ٻي ڳالهه به هنکي منجهايو هو. ڪيڏي ڪيڏي مهل ماڻهن جي منهن جو رنگ مٽجي ويندو هو، ۽ سندن روح ٽتل لڳاندي جي روح اختيار ڪندي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو ته ان وقت جيڪڏهن، هن ڪنهن ماڻهو کي هٿ لاتو ته منجو هٿ سڙي پوندو. اهو احساس ايندي

Gul Hayat Institute

چاني متعلق ئي سوچيندو رهندو هو. ايئن به نه هو ته ڪو هن انهن مونجهارن کي سلجهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي، پر جنهن ڪان ئي هن پڇيو، تنهن هن جي ڳالهه کي چرچي ۾ ٽاري ٿي ڇڏيو، يا ڳالهه جو موضوع بدلائي ٿي ڇڏيو.

هن کي جڏهن قومي يڪجهتيءَ جي کاتي ۾ نوڪريءَ جو آرڊر مليو، تڏهن ماڻس هلندي وقت روايتي نصيحتون به ڪيون هيون: مثلاً.

”ابا، اهڙي مٽي نوڪريءَ کي باهه ڏي جو پرديس جا ڌڪا ٿاڦا کارائي....“

”ابا، پرديس ٿو وڃين: مڙني پنهنجو خيال رکجانءِ! گهوري وڃانءِ، متان ماڻهين وارو ڪم ڪرين، جو پرديس نوڪريءَ تي ويو ته اتان هڪڙي ميبل به سان وٺيو آيو....“

”ابا، ٻاهر نڪرين ته ڪن ضرور ڍڪجانءِ: هِتُو اتم ته اتي ڪاڙهو مڙئي سرس ٿو ٿئي....“

ٻيون نصيحتون ته هن ڪلي، هڪڙي ڪن ڪان هڏي، ٻئي ڪن ڪان ڪڍي ڇڏيون، پر آخري نصيحت تي هن کي لاچار ٿي عمل ڪرڻو پيو. پهرين ته هو انهن عام طرح ٻنهي ڪن ڍڪڻ جي آفيس اچڻ لڳو، پر جڏهن سچيءَ رات، هن کي ڪٿي به ڇانوَ نه ملي، تڏهن گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ شرط، رومال سان ڪن ڍڪي ڇڏيندو هو. آفيس پهچي، رومال لاهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هن کي پنهنجي ان عادت تي اهو خيال به ٿيندو هو ته رستي تي هلندڙ ماڻهو

جي ڪاني ۾ هيترو وقت نوڪري ڪندي ٿيو اٿئي، توکي اڃا اها به خبر نه پئي آهي ته ڪهڙا سوال پڇجن، ڪهڙا نه پڇجن!“

”مون ته رڳو هڪڙي عام مشاهدي جي ڳالهه ٿي ڪئي....“ هن کيتون ڏيندي پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪئي.

”خير....اڃا تون نئون آهين: تجربو پاڻهي سيکاريندئي.... آءٌ توکي فقط ايترو چوندس ته دنيا ۾ ڪي اهڙا هند به آهن جتي ماڻهن کي پاڇولا ئين ئي ڪونه: ڪنهن هنڌ وڻن جا پاڇولا وڻن کان وڏا آهن، ۽ ڪن هنڌن تي مسجدن جي پاڇولن ۾ انسانن جا پاڇولا پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندا آهن....اهي اهڙا مسئلا آهن، جن کي قومي يڪجهتي ۽ جي وڏي مقصد لاءِ ڪاني وچ ئي تنهنجي لاءِ بهتر ٿيندو....“

هو سچو وسامي ويو. هن کي پنهنجي احمقپڻي تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ۽ ان ڪاوڙ کان هنجون اکيون هيٺ جهڪي ويون، ۽ هن جو هينيون چپ ٻاهر نڪري، بنا ارادي ڌڙڪڻ لڳو.

هن جي ساٿيءَ هنجي پريشانيءَ کي محسوس ڪندي مرڪي ڏنو، ۽ سندس ڪاهي تي هٿ هڻندي چيائين: ”ڇڏ انهن نندن ماڻهن ۽ وڏن پاڇولن جي ڳالهين کي.... تون پڙهاءِ ته پنهنجي ساٿي آفيسرباڻيءَ سان تنهنجو مامرو ڪٿي پهتو آهي.... هوءَ ته وڏا خواب پئي ڏسي....“

هن جو چپ هيڪاري ٻاهر نڪري آيو، ۽ هن سوچيو

نظر آئي ته هليو آيس....“

”ڇانو جي ڳولا به خطري کان خالي نه آهي سائين!“

”ڀلا هن وڻ کي هي تتل ڌامي جا زنجير ڇو وڌا اٿن؟“

هن ڇڙ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

پيرسن جواب ڏيڻ بدران، هن جي پرسان تڏي تڏي ڇانو ۾ ويهي رهيو. پوءِ پڻ پڻ ڪندي چيائين:”اهو سوال پڇي اوهان ڇانو لاءِ به خطرو پيدا ڪري وڌو آهي،سائين!“

هن ڇڙ پيرسي مڙس جي سرگوشيءَ کان ڊي ٻيو سوال ڪيو: ”ڇانو لاءِ خطرو؟“

”مون کي هن وڻن جي پر گهور لهندي ورهيه گذري ويا آهن. جڏهن به ڪو مسافر هت ڇانو جي ڳولا ۾ آيو آهي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن وڻ جي موت جو ذميدار ثابت ٿيو آهي. مهرباني ڪري اوهين هتان هليا وڃو. مون وٽ باقي هيءُ ٻاچولو رهجي ويو آهي، جنهن ۾ اڃا ڪجهه ڇانورو آهي....“

”پر هي هت آيو ڪٿان؟ هن ٿر جو ته هي وڻ ٿي ڪونهي.“

”هي اتان جو وڻ آهي جتي جڏهن آڪ ٽپندا آهن، تڏهن سندن ڏيڻن ۾ ڦلڙين سان ڇانو جا ريشمي بوڙ آڏامندا آهن....“

”پر ان جي اها سزا ڇو؟“

شڪر پڙيان جو ماڻهي گهڙي کن لاءِ مات ٿي ويو. پوءِ هن برفپوش پهاڙن کي گهوريندي چيو:”سزا لاءِ ضروري

ڏار ڪرندا ويا، جيئن جيئن هن جـون سدا بهار جٽائون ٽڙ
ڪان ڌار ٿينديون ويون، تيئن تيئن اسان جا پاڇولا وڏا ٿيندا
ويا... وڏا ٿيندا ويا...“

”۽ ڇانو....؟“ هن پنهنجو ساهه روڪي سوال ڪيو.

ان سوال پڇڻ شرط هن پاڻ کي ڊگهن پاڇولن
۾ گهيرجندو ويڙهجندو محسوس ڪيو! پـاڇولا چئني ئـي
طرفن کان هن ڏانهن وڌي رهيا هئا. پاڇولا جن ۾ نٿهڻ آس
جي آنت هئي.... ۽ پوءِ پاڇولن جي پويان ماڻهو اڀٽي وڌڻ
لڳا، هنن جي ڪلهن تي مسجدون هيون، ۽ هنن جي هٿن
۾ اهڙا هٿيار هئا، جن جي اوازي هنن جي منهن کـي نئل
ڏامي جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

جڏهن بهرين گولي هن جي نڙيءَ مان پار لنگهي ويئي،
تڏهن مرندي مرندي هن ڏٺو ته زنجيرون پيل بـڙ جي وڻ
جو پاڇولو به مري ويو.

---

# ڪارونجهر جا مور

هوائي جهاز ۾ چڙهڻ وقت هن کي هميشه ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ ته هن جا ڪن وڏيڪ سرلاٽ سي ويا هجن، ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ صاف ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. حفاظتي پٽو ٻڌندي ئي، هن کي سڄي بدن ۾ ــ ۽ خاص ڪري پيٽ ۾ ڏن وٽ هڪ هلڪي لرزش محسوس ٿيندي هئي، بلڪل ائين جيئن سيئو ٽپ شروع ٿيڻ وقت، سيءَ جي ڦهرين لهر بدن ۾ ڪهڻي ويندي آهي. هو ڪوشش ڪندو هو ته هوائي سفر تان پنهنجو ڌيان هٽائي ڇڏي، ته جيئن اهي لرزشون ۽ رڪاوٽون رڪجي وڃن. هو مسافرن جي اچڻ، سيٽ کولڻ، ايئر هوسٽيس جي مرڪ، ۽ جهاز ۾ وڄندڙ هلڪي سنگيت جي ڌن ـــ ۽ اهڙين ٻين ڳالهين ۾ پنهنجي ذهن کي مصروف ڪرڻ جو جتن ڪندو هو. ان ۾ ناڪام ٿيو ته وري پنهنجي ڪم بابت، دوستن بابت يا دنيا جي ٻين بکيڙن تي زوري سوچيندو هو. جيڪڏهن تڏهن به سندس ذهن مڪمل طرح مصروف نه ٿيندو هو ته پوءِ نيڙي ٻيگ مان ڪو ڪتاب، مئگزين يا اخبار ڪڍي پڙهڻ لڳندو هو. اڪثر ائين ٿيندو هو ته هو اڃا پنهنجي ذهن کي مصروف ڪرڻ ۾ ئي مصروف هوندو هو ته ايئر هوسٽيس جو آواز مائيڪرو فون تي اچڻ لڳندو ته "هاڻ اسين اڏامڻ وارا آهيون. مهرباني ڪري، حفاظتي پٽو ٻڌي

نظر آيون. مون کي ياد آيو ته هلندي وقت، مون جي دوست مون کي علي شريعتيءَ جو ڪتاب ڏيندي مهل چيو هو: ”اقبال علي شريعتيءَ تي وڏو اثر ورتو آهي. ڪتاب توکي ضرور وڻندو، ۽ خاص طرح ايران جي انقلاب سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملنديئي!“

مون ڪتاب بند ڪري ورتو، ۽ بئگ وري هيٺ رکي ڇڏيائين. هٿ مٿي ڪري، مون بتي ڏيئاري. ٿوري دير ۾ پڙرائين مرڪ واري ايئرهوسٽيس مون جي اڳيان هئي: ”جي اوهان کي ڇا گهرجي؟“

هو مون کي ڪو جواب ڏي، ان کان اڳ، هڪ نوجوان انگريزي ۾ چيو: ”ايڪسڪيوز مي....!“

مون هڪ گهڙيءَ لاءِ مون همراهه جي منهن ۾ نهاريو: وڏيون وڏيون نيريون نيريون اکيون، ڪليل نراڙ، وارن ۾ وچان سينڌ نڪتل، هلڪي بي ترتيب ڏاڙهي، سهڻا نقش، هڪڙي اک جي هيٺان هڪ وڏو مسو، جنهن مون جي سهڻن نقشن کي هڪڙو عجيب عيب ڏئي ڇڏيو هو.

ايئرهوسٽيس به مون کي هٿي جاءِ ڏني. مون پنهنجي ڪوڏن کي ٿورو اندر تي ڇڪي ورتو، ۽ نوجوان، مون جي ڪوڏن کي اورانگهيندو، مون جي پر واري دريءَ واري سيٽ تي وڃي رهيو. عين ان وقت مون جي اکين بويان پنهورديون ۽ پنوڙر پر سوڙهي لڳا.

ايئرهوسٽيس وري پڇيو: ”اوهان بيلي وچايو....“ ۽

”هڪڙو گلاس علي شريعتيءَ جو...!“ مون چيو.

"جي....!؟" ايئرهوسٽيس جي پتڙائين مرڪ سواليه نشان جي ڪري ٽيڏي ٽيڏي ٿي وئي.

"معاف ڪجو.... منهنجو مطلب آهي، ڪلاس پاڻيءَ جو!"

ايئرهوسٽيس جي مرڪ وري سڌي ٿي وئي. پر هن ٽيڏي اک سان علي شريعتيءَ جو ڪتاب ڏسي ورتو هو.

"اوهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو. فلائيٽ 'ٽيڪ آف' ڪرڻ واري آهي...."

"ٻر نيسين ته پڻوڻ ۽ پڻوريون...." هن سنڌيءَ ۾ ڀڻ ڀڻ ڪئي.

"جي....؟!" پترائين مرڪ هاڻ بلڪل غائب ٿي وئي.

"مون کي هي ڪوريون ڪاٺيون آهن.... اڳي ئي دير ٿي وئي آهي...."

"چڱو، ڏسان ٿي ته آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان...." ايئر هوسٽيس جي انگريزيءَ ۾ اهڙي "ائڪسينٽ"، اهڙو لهجو هو، جو هو سمجهي نه سگهيو ته ڪهڙي پاسي جي آهي.

هو پاڻي اچڻ جي انتظار ۾، جهاز جو جائزو وٺڻ لڳو. هن کي سيٽ اهڙي هنڌ ملي هئي، جيڪا جهاز جي پڇڙئين اڌ ۾، ارڙهين نمبر قطار ۾، G-18 اي ۽ ايف ڪان پوءِ واري ٻن سيٽن مان هئي. سندس پاسي H-18 واري سيٽ تي هن جو نئون پاڙيسري مسافر اچي ويٺو هو. هن جي اڳيان وارين ٻن سيٽن تي هڪڙو آمريڪي جوڙو ويٺل هو، جيڪو ٽورسٽ يعني سياحت ڪرڻ جو شوقين ٿي ڏٺو. هو مستقل

Gul Hayat Institute

جي ڌن جي رڪارڊ جو آخري حصو شايد ڪئسيٽ ۾ قاسي پيو هو:

رهي وڃ رات ڀنڀور ۾....!
رهي وڃ رات ڀنڀور ۾....!
رهي وڃ رات ڀنڀور ۾....!

هن وري گهنٽيءَ ڏانهن هٿ آيو ڪيو اچو بٺڻ ڳاڙهو ٿي ويو، بلڪل ائين، جهڙي طرح هن جي دماغ جي اندر ڀنڀوريون وڏيڪ ڳاڙهيون ٿي رهيون هيون.

ايئرهوسٽيس هن وٽ پهتي. پر هن جي مرڪ پٿرائين نه هئي. هن جي چپن تي نيري لپسٽڪ لڳل هئي، بلڪل نيرن پوڙن جهڙي، جنهن مان مرڪ جهاتي پائي نٿي سگهي. هن جا چپ نيراڻ جي ڪري اصل کان وڏيڪ اونها ٿي نظر آيا پر منجهن ڪا به زندگي نه هئي، نه مرڪ، نه رنجش، نه ڏک، نه بيزاري، رڳي مرڪ هئي، مرڪ جو غم، پٿرائين مرڪ کان وڏيڪ ٿڌي، وڌيڪ اڻ سوچيل.

”جي، اوهان بيل وڄايو....“

”هوءَ پٿرائين مرڪ واري ايئرهوسٽيس ڪيڏانهن وئي؟ مون هن کي ڪجهه چيو هو....“ انتظار کان بوءِ بيزاري هن جي لهجي مان ئي ظاهر هئي.

”هوءَ اوهان مان .. ڏسو نه، اسين به انسان آهيون. اوهان هن مان بٽرفلائز (Butter flies) جي ڳالهه ڪيئن ڪئي....“ نيرا چپ، نيريون ڳالهيون. ٽڏيون پر هن پيري سوچيل سمجهيل.

”نہ پوئنر جو ترجمو ’بٽرفلاءِ‘ آھي، نہ پئپوريءَ جو....“ ھن بيزاريءَ تي ھاڻ ھن کي پاڻ بہ حيرت ٿي رھي آھي.

”ھوءَ جتان جي آھي، اتي پئپوريءَ کي ’بٽرفلاءِ‘ جي ترجمي ڪرڻ تي انگريزيءَ ۾ ايم.اي جي ڊگري ملندي آھي....“ نمرا چپ پنھنجو رنگ بدلائڻ لاءِ آتا ھئا.

”ھوءَ ڪيس ڇٽو تہ ڄامشوري جي پل ھيٺان، جيڪو گھٽو پاڻي وھي ھليو آھي، ان جو ٿي ھڪڙو گلاس آڻي ڏيو تہ آءٌ پوئنرن ۽ پئپورين جو ڪجھ علاج ڪريان.... ھيءَ شيشي ڏسو، اھا بہ ڪلھ جي انتظار ۾ آھي.... ۽ ھا، اوھان جي رات پئپور ۾ الڪي ٻئي آھي، ان کي ڪتابن جو بہ ڪو بندوبست ڪريو....“

ھن ڏٺو تہ نيرن چپن ۾ اَمرڪ مرڪ ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ ھوءَ ھلي وئي.

”اوھان علي شريعتيءَ کي پڙھيو آھي....؟“ ھن جي پاڙيسريءَ ڪتاب واپس ڪندي پڇيو.

”اوھين ايراني آھيو نہ؟“

”اوھان منھنجي سوال جو جواب نہ ڏنو....؟!“ ھن پنھنجي ھسي کي ھن آڱرين سان مھٽيندي ڇيو. ھسو ھن جي چپٽيءَ ۾ غائب ٿيو تہ ھن جي ان عمل سندس عيب کي ڍڪي ڇڏيو. ھن کي ھن جون اکيون مرڪندڙ ڀاسيون.

”ھا، مون ٿورن علي شريعتن کي پڙھيو آھي... اقبال کان امرجليل تائين....“ ھن جي دماغ ۾ اڃايل مور ٽرڪي رھيا ھئا.

هن جي پاڙيسريءَ پنهنجي هسي کي مهٽڻ ڇڏي ڏنو. هن جي منهن ۾ عيب ڪَر ڪٺي بيهي رهيو، ۽ ڪي ئي سوال هن جي اکين ۾ لهي آيا.

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو؟“ هن پنهنجي پاڙيسريءَ کي چيو، پر هن جي اکين ايئرهوسٽيس کي ايندو ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس هو. پري کان پنهي ايئرهوسٽيسن ۾ هن کي ڪو فرق نظر نه آيو.

”ها، آءٌ ايراني آهيان.... پر اوهان ڪيئن سڃاتو؟“

”اچي هان، هي پاڻي....“ پترائين مرڪ واري ايئر هوسٽيس هن کي ڪاغذ جو گلاس ڏيندي سندس ۾ چيو.

هن شيشي کولي، ٻه گوريون ڦڪيون، ۽ شڪرگذاريءَ جي نظرن سان ايئرهوسٽيس کي ڏٺو.

”منهنجي زندگي بچائڻ لاءِ مهرباني....!“ هن ايئرهوسٽيس ڏانهن منهن ڪري چيو، جيتوڻيڪ هن چوڻ ڪجهه ٻيو ٿي چاهيو.

”اوهين ڪٿان جا آهيو... ؟“ پترائين مرڪ ۾ سنڌيپڻو لهي آيو.

”اسين ماڻهو لاڙ جا، دريا جي ڀڄاڙ جا....“ هن جهونگاريو.

ان مهل مائڪرو فون تي آواز آيو. ”عماني جا ماڻهو، پنهنجي پنهنجي پوزيشن سنڀاليو؛ اسين اڏامڻ وارا آهيون....!“ ايئرهوسٽيس تڪڙي تڪڙي موٽي ويئي. واٽ تي، هلڪو ڪنڌ موڙي، هن کي اڌ نظرسان ڏٺائين، ۽ ڪئبن ۾ هلي وئي.

Gul Hayat Institute

۽ بيزاري هئي، چاڪاڻ تہ اهو سوال محض ويڙهاند تي سوچڻ خاطر هو، يا اندر جي جنگ بدران ٻاهرين جنگ ڏانهن خيال بدلائڻ جي هڪ ڪوشش.

”نہ.... ها، اها ايراني قوم لاءِ بشارت آهي: خدا جي طرفان، امام خمينيءَ جي ذريعي!“

هن جي دل چاهيو تہ هو ڏسي تہ هن جو پاڙيسري پنهنجي هسي ڪي مهٽي رهيو هو يا نہ، پر اکين کولڻ ۽ ڊپ جو مرحلو طئہ ڪرڻ جي اها همت نہ ٿيس.

”خدا کي ايترو ڪوس، ايتري خونريزي ڪيئن پسند هوندي؟“

”خدا هميشہ حق جي پاسي هوندو آهي....“

نہ چاهڻ جي باوجود هن پنهنجون اکيون کولي ڇڏيون: ايراني پاڙيسري پنهنجي عيب کي مهٽي رهيو هو. پر منهنجي اکين ۾ مرڪ نہ هئي.

”۽ خدا هميشہ حق جي پاسي هوندو آهي....؟!“ هن جي ورجاءَ ۾ لڪل سوال ايرانيءَ کي بہ جهنجهوڙي ڇڏيو.

”اوهين مون تي يا ايران تي طنز ڪري رهيا آهيو!“

”دوست، آءٌ طنز ڪان ڪهڙو اڪتي نہ ڪري آيو آهيان....“

هن بيزاريءَ جي لڪاءَ نہ ڏيڻ لاءِ، پوئرن ۽ پنيورين جي ويڙهہ جو سهارو ورتو.

”ڏسو نہ، ايران جنگ شروع نہ ڪئي هئي. اڳرائي عراق طرفان ٿي هئي، ۽ خدا ڪڏهن بہ اڳرائي وارن جي پاسي تي نہ ٿو ٿيندو...“

”۽ خدا ڪڏهن به اڪرائي وارن جي پاسي تي نه ٿو سگهي....؟!“

”ڏسو، ڏسو! اوهين وري طنز ڪري رهيا آهيو.... بلڪل اهڙي طرح، جهڙيءَ طرح اوهان هن ويچاري ايئر-هوسٽيس تي طنز ڪئي هئي!“

”سو ڪيئن؟“

”اهوئي ’بئرفلاء‘ وارو قصو؟“

”اها ڳالهه توهان سمجهي نه سگهندا ته اسان وٽ زبانن ۽ ڪلچرن جو وڏو رولو آهي، منهنجا دوست!“

”زبانون ۽ ڪلچر انسانن جي تاريخ آهن، ڪمن نه؟“

”ته پوءِ عرب ۽ عجم جا معنيٰ رکن نه گهرجن؟!“

”توهان وري طنز ڪئي آهي.... عراق سان اسان جو ڪو نظرياتي جهيڙو ڪونهي!“

”تڏهن جهيڙو ڇاتي آهي؟“

هن ڏٺو ته هن جي ايراني پاڙيسريءَ پنهنجي هسي ڪي مهٿي چڏي ڏني هو، هن جي اکين ۾ علي شريعتي وسي لڳو هو.

”جيڪڏهن سولو ۽ سنئون سڌو جواب ڏيان ته هوند آءٌ اهو چوان ته اسلام ۾ سوشلزم ان حد تائين آهي ته سڄي پورهيت انسان جو ملهه سڀ کان مٿاهون آهي، هو سڀ ڪجهه پيدا ڪري ٿو، ان ڪري هر چيز جو خالق آهي: زبان جو، ڪلچر جو، انساني رشتن جو، ويندي مذهب جو. سوشلسٽ به چون ٿا ته جڏهن انسان جو پورهيو اقتدار ۾

ايندو، تڏهن طبقا ختم ٿي ويندا، ۽ رياست به ختم ٿي ويندي. اسلام به اهوئي ٿو چوي ته اسلام ۾ بين الاقواميت جو بهترين نالو آهي، جڏهن سمورا ويڇا ختم ٿي ويندا. ظالم نه رهندا؛ مظلومن جو راڄ ٿيندو، تڏهن ڪي ايران، ڪي توران، ڪي عرب، ڪي عجم — اهي سمورا متضاد گهڙيل فرق — ٻين لفظن ۾ طبقاتي نظام جون پيدا ڪيل سرحدون ختم ٿي وينديون: چين به اسان جو هوندو، عرب به اسان جو هوندو....!"

"تابه ڪاشغر....!" هن جي واتان نڪري ويو.

"مطلب؟"

"مون کي رکيو اقبال جو هڪ شعر ياد اچي ويو هو...."

اقبال جو شاهين هن جي دماغ جي سرحدن ۾ پنهنجا پر پکيڙي چڪو هو.

"اهو غلط آهي ته علي شريعتي ۽ اقبال کان پنهنجو فڪر آڌارو ورتو آهي...." ايرانيءَ جي اکين ۾ ڀريون ڀريو هن حسد ڏٺو.

"منهنجو مطلب اهو نه هو...." هن چوڻ ٿي چاهيو ته اقبال جو ذهني سفر ايترو نه هو، پر هو پنهنجو مطلب ادا نه ڪري سگهيو.

"اوهان ڇا کائيندؤ: پاڪستاني يا ڪانٽيننٽل؟" نيرن پوئرن جي رنگ جي لپسٽڪ واري ايئرهوسٽس، ٽرالي هنن جي پرسان آڻيندي پڇيو.

گوشت جي بوءِ، ٽريل پٽاٽن جي بوءِ سان گڏجي هن تي ڪاهي آئي.... ۽ هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. هن

Gul Hayat Institute

ايڙهوسٽيس ڏانهن نهاريو، جيڪا هن جي ٽيبل اڳيان سيٽ سان ڪري، ان تي ”نئپڪن“ وڇائي چڪي هئي، ۽ هن جي پاڙيسريءَ جي ميز تي نئپڪن وڇائي رهائي هئي. ان مصروفيت ۾ هن جي نيڻن ڇپن ۾ ڪوبه احساس نه هو، نه مُرڪ جو، نه اُمرڪ جو. انهن ۾ محض ورڇي پوڻ جو احساس هو.

”مون کي ڪجهه نه کپرجي....“ هن ڇپن پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو.

”ڇهن ڪلاڪن جو سفر آهي، ڪجهه کائو نه پيئو....“ همدرديءَ جا لفظ، جن ۾ همدردي خير ڪا هئي، ايڙهوسٽيس اُئين چيا، ڄڻ هوءَ اهي لفظ ڪيترا ڀيرا چئي چڪي هئي.

هن رکو ڪنڌ ڌوڻ ڪري پنهنجي انڪار جي تصديق ڪئي، ۽ وري پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ڳاڙها نيرا، پيلا ترورا ڪڌهوڪو پنيورين، پوئرن ۽ پسوپين جا پرکوهي، فقط اڇن ڪارن پٽن ۾ بدلجي چڪا هئا. ماڻهن جي چرين ڪاتين جي آوازن هن جي دماغ ۾ مترڪا هڻڻ شروع ڪري ڏنا. ڪارونجهر جا مور ذبح ٿي گوشت جي بوءِ بڻجي رهيا هئا، ۽ مور جي هر لهر سان هو ڪارونجهر جي ڦاٽي ڌريون ڌريون ٿيڻ جو انتظار ڪندو رهيو.

جڏهن هن وري اکيون کوليون ته ٻئرائين مرڪ واري ايڙهوسٽيس هن جي اڳيان هئي.

”معاف ڪجو جو مون اوهان کي جاڳائي وڌو....“ ايڙهوسٽيس جي ڇپن تي ڪارو ٻڌو چانيل هو، جنهن هن جي

مرڪ کي لڪائي ڇڏيو هو. اڇو پٽو هـن جي اکين تان ٿي لنگهيو، جنهن ۾ الائي ڇو هن کي پنهنجائپ نظر آئي.

”اوهان ڪجهه نہ کاڌو.... پلا ڪا ڪافي يـا چانهن پيئندا؟“ ڪاري پٽي جي باوجود هو انهن لفظن کي ڏسي ٿي سگهيو. انهن ۾ بہ هن کي پنهنجائپ نظر آئي.

”ها، ڪافي آڻي ڏيو تہ مهرباني ٿيندي: بلئڪ، نو شگر....“

هن جو پاڙيسري هن وارو ڪتاب پڙهي رهيو هو. هن جي ڇهري تي جيڪو رنگ هو، ان کي هو نـہ سمجهي سگهيو. ان ۾ ڏوهہ هن جي اکين مان نڪرندڙ ڪارن اڇن پٽن جو هو.

”اوهان کي ننڊ اچي ويئي هئي.... ڇا اوهين بيمار آهيو؟“

”نہ، آءٌ تہ پاڻ هاڻ شفاياب ٿيو آهيان.... سمورن بيمارين ۽ دردن کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي....“ هن کي پاڻ تي رحم اچي رهيو هو.

”اوهين ڪيڏانهن پيا وڃو.... لنڊن يا نيويارڪ؟“ هي فلائيٽ لنڊن جي رستي نيويارڪ وڃڻي هئي.

”لنڊن.... ۽ اوهين....؟“

”آءٌ بہ لنڊن پيو وڃان.... پنهنجي پيءُ سان ملڻ لاءِ: ڇري، هن کي اسان جي انقلاب ۾ خاميون ٿيون نظر اچن.“ هن جو پاڙيسري جهڙ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

”توده وارن مان تہ ڪانهي؟“

”نہ، خلق وارن سان همدرديون اٿس.... پهرين انقلاب

Gul Hayat Institute

جي حامي هئي، پوءِ....''

”۽ اوهين....؟''

هن جي ٻاڙيسريءَ جي اکين ۾ شڪار ٿينڊڙ پکيءَ واري ڪيفيت هئي. اوڏيءَ مهل ابرهوسٽيس هن لاءِ ڪافي ڪڻي آئي، ۽ هن جي اڳيان واري ميز سڌي ڪري، ان تي رکيائين، ۽ ڪا گهڙي هن جي اکين ۾ ڪجهه ٿهارڻ لڳي. وچن لاءِ مڙي، ۽ وري پٺيءَ رهي.

”مهرباني....'' هن ٿورو دير سان چيو.

”هاجي.... اهو ته اسان جو فرض آهي.... اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو ته ڪٿي جا آهيو؟“ هن جي مرڪ هاڻ پترائين نه هئي.

”پانهان تو ته مون کي جواب ڏنو هو....“

”اهوئي ’اسين ساٿهو لاڙ جا، دريا جي پجاز جا،‘ وارو؟“ هن جي سنڌي لهجي مان هن سمجهيو ته هو ساهتي جي آهي. نه چاهيندي به، هو ٿورو اڳيو ٿي ويو.

”اوهان جو سنڌي هجڻ جو شڪ مون کي به پيو هو....“

”تڏهن اوهان پوٿرن ۽ پنيورين جي ڳالهه ڪئي....“

”نه، ان وقت منهنجي دماغ ۾ رکو پوٿرن ۽ پنيورين جي پون يون ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوا''

”پر اوهان اها به اهو نه ٻڌايو ته اوهان ڪٿان جا آهيو....؟“

”جيڪڏهن اوهين اباز کي سڃاڻو ته، هوند آءٌ چوان، جتي آڪ ٿهن، جتي لوهه ٻرن، سو ديس مسافر منهنجو ڙي....“

”پانهنجي جا ته اوهان کي شعر شاعريءَ سان مڙني وڌيڪ دلچسپي آهي،“ هاڻ هن جي مُرڪ ۾ وري پنهنجائپ لهي آئي هئي. اهي ساڳيا چپ پتڙائين مرڪ کيئن تي سجائي سگهيا، هن کي اچرج ٿيڻ لڳو.

”اهو ڏوهه پاسيان تو.... ۽ اوهين؟“

”آءٌ.... اسين لاڪاڻ جا آهيون....“ هن جون اکيون روشنهارکيون ٿي ويون، جيتوڻيڪ هن جي جواب ۾ ڪا به وضاحت ڪانه هئي. ۽ هوءَ هلي ويئي. هن جي دماغ ۾ ڪارونجهر جا سور رڙڻ لڳا. شرمساري ڪان هو، ڪنڌ نمائي ڪافيءَ جي پيالي ۾ نهارڻ لڳو. هن کي ڀاڻ تي ڪاوڙ به اچڻ لڳي ته هن جي ورناءَ هن کي ضرور ڏکويو هوندو.

لاڪاڻ.... هن جي ذهن جي سرحدن ۾ گهڙي آيو. ڪارونجهر ڦالي پيو. هن جو دماغ ٽڪرن ٽڪرن ٿي، هوائي جهاز جي ڇتن ٿي گوشن ۾ پکڙجي رهيو هو.

هن جي ڀاڙيسريءَ هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون کوليون.

”اوهان جي طبيعت ڪجهه وڌيڪ خراب ٿي لڳي....“ هن جي لفظن ۾ همدردي هئي.

”نه، هاڻ آءٌ نيڪ آهيان.... مهرباني.“

”اوهان ايئرهوسٽيس سان انگريزي سان گڏ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ٿي ڳالهايو؟“

”سنڌيءَ ۾....“ هن مختصر جواب ڏنو.

ڪري واندي ٿي هئي. هن جي اکيان پهچي هن چيو:
”اوهان جي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟“
هن ايڊرهوسٽيس کي پهريون ڀيرو چتائي ڏٺو. سهڻو سانورو ڪڻڪائون رنگ، ڊگهو سنهو نڪ، پريل ڳل، مشڪندڙ وڏيون اکيون، ڪجهه گولائي تي هٽندڙ پيشاني، جنهن جي شروع کان ئي وار ايترا پويان ڇڪيل هئا، جو نندي جوڙي ٻانئين پهچندي، سندن ڪهنڊي بـه ڇڪجي سڌي ٿي وئي هئي. ٿلهڙن چپن تي هن لپسٽڪ ايئن هڻي هئي، جو اهي وڏيڪ پريل ٿي لڳا. هن جـي پنهنجن چپن تي مرڪ اچي ويئي.
”هاڻ ايترو چاڪ آهيان، جـو اوهان کي چتائي ڏسي سگهان ٿو، ۽ ٻڌرائين مجسمي بدران اوهان کي انسان سمجهڻ لڳو آهيان....“
هن هڪ هلڪو، تارن جيان کڙندڙ ٽهڪ ڏنو، ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ سنجيدگي اچي ويئي، ۽ پڇي ويئي: ”هاڻ حالتون ڪيئن آهن؟“
”لاڪات کان پوءِ حالتون ڪڏهن به لاڪات کان اڳ واريون ٿي نٿيون سگهن!“
”پر آخر ڪيستائين....؟“
”ظلم پنهنجي ڪڏ پاڻ کوٽيندو آهي.... ۽ هونئن به امان کي قيمت ته اداڪرڻي آهي. هي ته اڃا ڇڙ....ڇڙ ’اپيٽائيزر‘ آهي....“
هن جي اکين ۾ درد جا پاڇا لهي آيا.

Gul Hayat Institute

”اسان گهٽ ته نه سٺو آهي....“

”اسان واٽ وڃائي ويٺا هئاسون، هاڻ واٽ لڌي اٿون ته اڳيان ڏونگر آڏو آهي، سسئيءَ وانگر انهيءَ ڏونگر سان جهيڙڻ، ان سان پنهنجا پير پٿون ڪرڻ ۽ مٿو ڦاڙائڻ کان سواءِ ته بيو ڪو چارو ئي ڪونهي....“

”مون کي هاڻ اوٿارا ئي لڳا آهن....“ ڊپ هن جي اکين جي ڪنڊن ۾ لامارا ڏيئي رهيو هو.

”تاريخ اڄا هاڻ اسان کي اوٿارن سان جاڳائڻ لڳي آهي....“ هن جي سور جي شدت گهٽجي ويئي هئي، ۽ شايد ڳورين هاڻ مڪمل اثر ڪيو هو.

”پر.... اهو اوٿارو ڪڏهن ختم ٿيندو....؟“ هن جي سوال ۾ نااميديءَ جا ڪرڻا هئا.

”هاڻ ته سوڻ مٺو آهي: اوهان کي لطيف جو هڪڙو بيت ته ٻڌايان:

جبلُ ساري جَڪَ، جو آڏو آريچن کي
توئي لڪن لڪ، سپ لنگهنديس سڪ سين!“

هن جي اکين ۾ اميد موٽي آئي. هن جي چپن تي هڪ عجيب غرور واري مرڪ لهي آئي، ۽ ويندي ويندي چيائين:

”الله توهان جي وائي سچي ڪندو!“ هو هلي ويئي. پنيان ويندي، هن محسوس ڪيو ته هوءَ وڌيڪ قداور ٿي لڳي. هن ڏٺو ته هن جو پاڙيسري ايراني بس هن کي ويندو ڏسي رهيو هو.

”اوهان هن کي ڇا چيو، جو هوءَ ايتري خوش ٿي

زور زور سان تسبيح جا دانا ڦورڻ لڳو. هن جي اکيان، ٽي سيٽون اڳ ۾، هڪڙي ماڻهوءَ هٿ مٿي ڪيو. هن جو ايراني پاڙيسري هن ڏانهن ڏٺو.

”مون کي ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت آهي....“ هڪ ٻئي آواز پٺيان ئي آيو.

”مون کي به ٽائليٽ وڃڻو آهي....“ هڪ ٻيو آواز هن جي پٺيان بلند ٿيو.

”ويهي رهو....!“ هڪ ڪڙڪو ٿيو.

هن ڏٺو، سيٽ جي مٿان ڪاڙها اکر ٻري پيا: ”پنهنجا حفاظتي پٽا ٻڌي ڇڏيو....“

هن جي اکيان، جنهن ماڻهوءَ ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت جو اعلان ڪيو هو، سو اٿي بيٺو. هن جي ايراني دوست، روالور هن جي ڪنڌ تي رکي، آهستي چيو: ”ويهي رهه....!“

”پاڻي....!“ هن جي پٺيان ڪنهن رڙ ڪئي.

”هن کي پاڻي ڏيو.... هن کي دل جو دورو پوڻ وارو آهي....“

هڪڙي يورپي مائيءَ جو آواز هن پري ڪان ٻڌو: ”او منهنجا خدا، هي ته مري ويو تو پاڻهجي....“ ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

”آءٌ ڊاڪٽر آهيان.... جي اجازت هجي ته هن کي ڏسي وٺان....“ هڪڙي اڌڙوٽ همراهه هن جي ايراني پاڙيسريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو.

”يلي ڏسينس....“ هن مختصر جواب ڏنو.

Gul Hayat Institute

ان مهل جهاز جي مائڪروفون تي آواز آيو: ”اسين بغداد وٽ پهچي رهيا آهيون....“ ۽ پوءِ ايئن پاڻيو ڄڻ ڪنهن جي هٿ سان مائڪروفون ڪسي وڃڻو ويو ۽ هڪڙي ڏکي سيٽيءَ جو آواز سموري جهاز ۾ ٻڌڻ لڳو. ”هي اجا جيئرو آهي.... جيڪڏهن هن کي ترت طبعي امداد نه ملي ته مري ويندو....“ هي اُن ماڻهوءَ جو آواز هو، جنهن ڏ ڪٽر هجڻ جو اعلان ڪيو هو.

هن کي ڪنهن به جواب نه ڏنو. يورپي مائي وري را ڙاڙ ڪري روئڻ لڳي. ڪيترا ٻار ۽ زالون گڏجي روئڻ لڳا. ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳا.

”الائجي ڇا ٿيندو....“

”بغداد ڇو ٿا وڃن....؟“

”ايراني ٿا ڏسجن....!“

”مون کي ته فلسطيني ٿا لڳن....“

”نه نه، سڏا سڀئي ايراني آهن.... سندن لهجي مان ئي ظاهر آهي....“

”پر جهاز ڇو هائيجيڪ ڪيو اٿن....“

”هوندن ڪجهه مطالبا....“

اهڙا جملا، سچا جملا، ڪوڙا جملا، بيزاريءَ جا جملا هن جي ڪنن تائين اچي پهچندا رهيا، ڄڻ هوڪو خواب ڏسي رهيو هجي. اوچتو هن جي دماغ ۾ ٻنهي ڪنهن چتاءَ جي ڳالهه يونيورسٽيون، نمبرا پوئنر ۽ پيلا پوپٽ، لشڪرن جا لشڪر اندر گهڙي آيا. هن پنهنجو ڪنڌ ٻويان سيٽ تي

ڊاري ڇڏيو.

هن حملي جو ڪو سبب نه نه آهي، هن سوچيو. شايد اجا ڊپ جون سرحدون ٽپي نه سگهيو آهيان. هن پنهنجي پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جهاز ۾ جهڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، هي ان جو رد عمل ته. ڪونهي؟ پنيورين، پوڙن ۽ ٻوڍن جي وڌندڙ عروج ٿي پهچڻ لڳي. سور جي هڪ سٽ هن جي بنهي لوڻن ۾ ڏڪڙا هڻڻ لڳي. هن اکيون بوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا ڇپر بند ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا.

هن ڏٺو نه ايئرهوسٽيسون پاڻيءَ جا گلاس لري ۾ کڻي مسافرن کي پياري رهيون هيون، ۽ ڪين آئت بہ ڏيئي رهيون هيون. مسافرن ۾ چوهول اجا ڊرو نه ٿيو هو، پر گهڻا تڻا اهو سوچي ڊرکي پيا هئا نه جهڪي ٿيڻو هوندو، سو پيو ٿيندو. مائرون ٻارن کي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيون.

ڪارونجهر جو خاڪو هن جي ذهن ۾ اسري آيو. گهاٽين مان ڪارا نيرا مور ٽلندا آيا.

”اوهين پاڻي پيئندو....؟“ هوءَ هن جي مٿان بيٺي هئي.

هن پاڻيءَ جو گلاس هن کان وٺي چپن سان لڳايو.

”هنن هڪڙي مائهو کي ساري وڌو آهي....“ هن سرپاٽ ڪيو.

”مون کي هنن سان همدردي آهي....“ هن بيزاريءَ مان چيو.

Gul Hayat Institute

”اهو ڪيئن ٿا چئو.... هي نه ’ٽيررسٽ‘ آهن....“

”ويهين صدي انقلابن لاءِ ٽيررزم ڪي لازمي بڻائي ڇڏيو آهي....“

”پر انساني حياتيون....؟“

”هونئن انساني حياتين ۾ باقي ڇا رهيو آهي.... ڪجهه ۾ ڪجهه هنن وٽ ڪو مقصد ته آهي.... هنن جي زندگيءَ ۾ روزڪيترائي لاڪاٽ ورجايا وڃن ٿا.... نتيجو هي آهي....“

ڪارونجهر جا سور رڙڻ لڳا. هن جي سموري جسم ۾ بجليءَ جا جهٽڪا اچڻ لڳا. سور هن جي اکين ۾ ڏڙهيا هڻڻ لڳو. پوءِ هن ڏٺو: هڪڙو هائيجيڪر، هڪرين وٽان ٽڪڙو هنن ڏانهن آيو. اٿيل ۾ هن جي ايراني پاڙيسري ناڻين پهتو، ۽ سرڪوشيءَ ۾ هن کي ڪجهه چيائين. هن جو پاڙيسري فرسٽ ڪلاس ڏانهن هليو ويو، ۽ هو پاڻ ايمر-هوسٽيس جي پر ۾ بيهي رهيو.

”ڪهڙي سس پس پيا ڪريو؟“ هائيجيڪر جي آواز ۾ رڳو نفرت هئي.

”ڪجهه به نه.... هن کي پاڻي ٿي ڏنم: هي بيمار آهي....“

”بيمار آهي يا توسان ’فلرٽ‘ پيو ڪري....“

هائيجيڪر مرڪيو. هن جي مرڪ ۾ به نفرت جو زهر هو. هن کي ان نفرت کان بچاءُ اچڻ لڳي.

هو گهڙيءَ لاءِ هن جي منهن ۾ نهاري، گلاس کڻڻ لاءِ جهڪي ته، هائيجيڪر هن جي چولهه ۾ هٿ وجهي کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو.

Gul Hayat Institute

سور جي هڪ مٿ هن جي اکين ۾ ڳهڙي لاءِ جهي ويئي. هن هڪڙي ڪمٽ سان حفاظتي پٽو کولي ڇڏيو، ۽ پوءِ اماڪ هائيجيڪر تي ڪاهي آيو. هائيجيڪر هن اوچتي حملي ۾ پاڻ سنڀالي نه سگهيو، ۽ آڏوجي پر واري سيٽ ۾ تسبيح واري مسافر جي مٿان وڃي ڪريو. روالور هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. هن جهڪي روالور کڻي ورتو. هن ڳهڙيءَ لاءِ پنهنجي هٿ ۾ روالور ڪي حيرت مان ڏٺو. پوءِ هائيجيڪر ڪي ڳجيءَ کان جهلي، آنارينديءَ، روالور سندس ڪن تي رکي ڇڏيائين.

”توهين انقلابن جا دوست نه، پر دشمن آهيو!“ ائين چئي هن روالور جو گهوڙو دٻائي ڇڏيو.

هن کي اها خبر نه پئي ته پڙاڏو ڇاجو هو. روالور جو يا هن جي دماغ اندر ڦاٽندڙ ڪارونجهر جو. هن ايئرهوسٽيس جي بڊل دهشت زده اکين ۾ جهاتي پائي ڏٺي، ۽ روالور سندس هٿ ۾ ڏنائين. پاڻ وري سيٽ تي ويهي رهيو. هن جون اکيون کاٻاڙيون هيون، پر هن جو جسم هڪ پاسي لڙڪي پيو.

ايئرهوسٽيس هڪ وڏي اوچنگار ڏني، ۽ هٿ وڏائي سندس اکيون بند ڪري ڇڏيون.

# ماں جوئي آهيان، سوئي آهيان....!

آسمان ۾ تارن جو سمنڊ اڃا جيئرو هو. چنڊ ڪڏهوڪو ڪنهن اڻڄاتي منزل ڏانهن لڙي چڪو هو. ان ڪري نت نوان تارا نمودار ٿيندا ٿي ويا. ڪو ڪو تارو پنهنجي ٿي روشنيءَ کان مات کائي، ٽمڪندي ٽمڪندي اوجهل ٿي ٿي ويو. هن کان جڏهن صبر نه ٿيو ته هن تارا ڳڻڻ شروع ڪري ڏنا: هڪ، ٻه، ٽي.... هڪ، ٻه، ٽي....

"امان، مون کي ڀؤ ٿو ٿئي...." ننڍڙيءَ هن جي ڪڇ ۾ منهن لڪائيندي چيو.

هن ڀانيو، هن جي دل، ڪنهن تاري وانگر، گهڙيءَ لاءِ اوجهل ٿي ويئي، ۽ هن جي نڪ ۽ ڇپن ۾ سيانڊڙو پڄي ويو. سندس ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ هلڪي رڦڻي شروع ٿيڻ لڳي. هن ڏڪندڙ هٿ سان پنهنجي نڪ ۽ ڇپن کي مهٽڻ شروع ڪيو، پر اهي وڌيڪ سُن ٿي ويا.

"امان، تون ڏڪين ڇو پئي؟...." ننڍڙيءَ اڃا وڌيڪ هن جي ڪڇ ۾ گهڙندي چيو.

"نه، نه.... آءٌ ڪانه ٿي ڏڪان...: تون ڇپڙي ڪري سمهي رهه.... شاباس.... ڏاهي ڌيءُ آهين نه، شاباس...."

هن ننڍڙيءَ کي اڃا ٿي وڌيڪ ڇڪي، ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ ٻئي هٿ سان هن جي ٻُتن تي آروس ڪرڻ لڳي. هن کي اهو خيال ڪاٿي لڳو ته ننڍڙي سندس دل جي دڪ

دک جي رفتارمحسوس ڪري، وري نہ ڪو سوال ڪري.
هن جي سوچڻ کان اڳ، ننڍڙي سوال ڪري ويئي:
"امان، تنهنجيءَ هنئين ۾ ايڏي دک دک ڇو آهي....؟"
هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. ايئن ڏکندڙ هٿ سان ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي آروس ڪندي رهي. اوچتو هن جي نظر وري آسمان ڏانهن کڄي ويئي: آسمان جي هڪڙي ڪنڊ مان هڪ روشن تارو ڪريو، ۽ چانڊاڻي جي چمڪڻ جيان، ذريون ذريون ٿي آسمان جي هيٺان پولار ۾ گم ٿي ويو.
"يا الاهي خير ..." هن جي چپن پڻ پڻ ڪئي.
"امان، ڇا چيئہ...؟" ننڍڙيءَ ننڊ اکڙي آواز ۾ پڇيو.
"ڪجھہ نہ.... ڪجھہ بہ نہ! تون سمهي رهہ، مٺي امان ڪريانس....!"
ننڍڙي وري ڪروٹڙي ٿي، هن جي ڇاتيءَ سان وڌيڪ ويجهي ٿي ويئي. هن وڌيڪ تيزيءَ سان ننڍڙي جي پٺن تي آروس ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ هري هري ننڍڙيءَ جو جسم، ننڊائجو ٿي، هن جي جسم کان ٿورو الڳ ٿيندو ويو. هن آهستي آهستي پنهنجي کاٻي ٻانهن ننڍڙيءَ جي ڪنڌ هيٺان ڪڍي ورتي، ۽ سندس ڇاتيءَ تي هاڪيون ٿڦڪيون هڻندي رهي.
"امان، بابا ڪيڏي مهل ايندو... ؟"
هن سمجهيو هو تہ ننڍڙيءَ کي ننڊ اچي ويئي هئي. ان اوچتي سوال تي هن کان وري ڇرڪ نڪري ويو. ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي هلندڙ سندس هٿ بيهي رهيو. هن جي جسم

ڪري پئي وهيا! هن جا چپ پئي ڦڙڪيا. هن هڪڙي هٿ سان ڪٽ جي چادَر کي اهڙو تہ زور سان پڪڙيو هو، جو نيريون نيريون نسون چٽ اڀامي پيون هيون.

”ماما.... خير تہ آهي؟“ شاهني رڳو ايترو ئي چئي سگهي.

”اڙي امڙ.... خير وري ڪهڙو.... ظالمن ڳوٺ سان اهڙي ڪار ڪئي جو اصل ڪاري قيامت هئي: رڳو ٻاهر جا ڳولا هئا، ٻاهر جا آڙاهہ هئا جيڪي هيڏانهن مٿان اچي پئي وسيا چڻ تہ.... چڻ تہ....“

ان وقت شاهنيءَ کي فقط هڪڙي ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ آئي هئي تہ پنهل ڪنهن سان ٿي وڙهيو. ماسي جيڪي ڳالهيون ڪيون، سي هن جي سمجهہ کان ٻاهر هيون، پر هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ هنن سان بہ اهو سڀڪجهہ ٿي ٿي سگهيو، جيڪي ان ڳوٺ وارن سان ٿيو هو. هن پنهل سان ڳالهہ ڇوري تہ پنهل ماٺ ئي ويو.

”پنهل....“

”هون....“

”تون نہ ويندو ڪر انهن ميڙن ۾....“

پنهل ماٺ سندس منهن ۾ اڻڏٺو ڪاوڙ جو ٻوٿهون هن پنهنجي اندر محسوس ڪيو تہ هن کان چپ نہ رهيو.

”جي جهلجي پئين تہ پوءِ....؟“

پنهل پوءِ بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

”پنهل، رب جو واسطو اٿئي، منهنجو واسطو اٿئي،

# اٺون ماڙهو

ٽنهن رات هن کي اُٿو ننڊ نه آئي ... ٽنهن رات آسمان تي ٿوهر ڄمي پيا هئا!

ڇت مان اُڀري لڙڪندي، لوهي سيخن جي هن بار، وراندي جي ڏيڍي ڇت جي ٻنهي وٽ، هن جي رتايل نگاهن ۾، آسمان جو فقط هڪ ٽڪنڊو ٽڪر سمائجي سگهيو. آسمان جيڪو آزاد هو، پر زنجيرن تي پابند، رت هنجي ماڪين ۾ ڇلڪڻ لڳو. هن جون اکيون، رت جي بار کان ڇنڇڻيون ٿيڻ لڳيون. هن ڏٺو، آسمان تي ٿوهر ڄمي پيا هئا، جيڪي هنجي اکين کي، هنجي نگاهن کي ٻوڙ رائڻ لڳا هئا. آسمان جو اهو ٽڪنڊو ٽڪر، هنجي اکين ۾ اٽڪي پيو هو، جنهن جون ڪنڊون واري سان چڪجي ٿي آيون، وري ڦهڪي جاءِ تي موٽي ٿي ويون. ان ٽڪنڊي ۾ گهڻا تارا هوندا؟ — هن سوچڻ گهريو، پر ان سوچ کي اڻندي اڳ ئي ورهيه گذري ويا. آسمان جو ٽڪنڊو پوئتي موٽي ويو ۽ ڏيڍن ڪرڻن جو ٿوهر هنجي اکين جي ماڪين ۾ ڦيرڻ لڳو. هنجي دل چاهيو ته هٿ وڌائي، ان ٿوهر کي پٽهاري ڇڏي، هنجي اکين جا ڇپر، ان ٿوهر جو بار کڻڻ کان ٻنهي عاجز ٿي چڪا هئا. هن ڪوشش ڪئي ته ڇپرن کي ڍاري ڇڏي، بند ڪري ڇڏي ته جيئن ان ٿوهر جا ڪرڙا هنجي ماڪين ۾ لنبجي نه

Gul Hayat Institute

”مون کي ڪا خبر ڪانهي....“ هن چئي پنهنجي ٻانهن کي ٻڌايو.

”ڇنبو ته هٿيار جيب ۾ آيا هئا، پر تو کي خبر ڪانهي ته جيب ڪنهنجي هئي؟“

مونجهارن جو دونهون هنجي چوڌاري ڦهلجڻ لڳو.

”هٿيار.... جيب.... خبر، مون کي ڪا خبر ڪانهي....“

مونجهارن ٻيوسيءَ ۾ پناهه ورتي.

”تون شرافت مان ڪونه سمجهندين....“

ان دڙڪي کي ڪو جسم نه هو، ۽ ڪنهن خيالي ڦوڪڻي وانگر هنجي مٿان ڦرڻ لڳو. هن ان ڦوڪڻي کي ڪو جسم ڏيڻ گهريو: مُڪن، ٺڦڙن، ٺڏن، لتن ۽ آخرڪار نيٺ جي لڪڻ جو جسم. في الحال هنجي جاڻ ۽ احساس ۾ ان ڦوڪڻي جو اهوئي جسم ممڪن ٿي سگهيو. هن بنان نهارڻ جي، ڪاٺ جي ماڻهوءَ ڏانهن اکيون ڦرڙايون: نه ڏسڻ جي باوجود، ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي چپن ۾ دکيل سگريٽ جو شعلو هنجي اکين ۾ پيهي آيو. هن پنهنجون اکيون بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: اجا پنبڻ اکين تي ڍريا ڍي مس هئا ته آسالڪ وري زوريءَ ٻاڻ-هرتو پٽجي ويا. ان سان گڏ هنجي بدن ۾ هڪ زلزلو آيو ۽ سمورا ٻڇاء بند ٽوڙي ويو. هنجي ڇاتيءَ جا وار، سگريٽ جي شعلي جي آسپاس، گهنڊيون گهنڊيون ٿي، سڙندڙ ٻرندڙ ڪُل جي دونهين ۾، ٻاڦ ٻڻجي ويا. پنهنجيءَ چمڙي جي سڙڻ جي بوء کي هو سڃاڻي نه سگهيو. البت وارن منجهان، سڙندڙ

پر، اهو پڪو پڌو:

”شايد ڏندڻجي ويو: پاڻي هاري هوش ۾ آڻيوس!“

جڏهن هنجون اکيون وري کليون، تڏهن هن کي هڪ ڪاٺ جي ماڻهوءَ بدران ڪنهن ڪاٺ جا ماڻهو نظر آيا، جيڪي ٻاچولن جيان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڳتمل هئا، ۽ سڀني ڇپن ۾ ٻاهر جا ڳاڙهسرا ڏيئيو چنبڙيل سڀاهه ٿوري دير ڪانپوءِ اهي سمورا ماڻهو وري هڪڙو ڪاٺ جو ماڻهو بڻجي ويا، پر ان ڪاٺ جي ماڻهوءَ کي الاهي چپ هئا، جيڪي هڪ ڊگهي قطار ۾، هنجي اکين تائين ٿسي پهتا. انهن سمورن چپن ۾ هڪ ڏي سگريٽ هو، پر ان سگريٽ ۾ اِلاهي شعلا هئا، جيڪي هنجي اکين جي پنبڻين ۾ ٽمڪڻ لڳا.

”هاڻ چڏيوس! هوش ۾ اچي ويو آهي.... هي مردود ڏاڍا سخت جان ٿيندا آهن...“

هن ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو آواز پهرين هوريان ۽ پوءِ ڏاڍيان پڌو. ”هن کي.... پاڻي....ڏيو.“

پاڻي.... هنجي چپن پاڻيءَ جو خيال ايندي ئي لڙڪڻ شروع ڪيو. هنجي زبان جي بيابان ۾ ٻاهرا ڪنڊا ڄمي پيا. چپ هنجي ڏارونءَ ۾ ڪجهه ڳولڻ لڳي. پر اتي بس رڳو ڪنڊا ئي ڪنڊا هئا. هن گلاس ۾ پاڻي اوتجندو ٻڌو، ۽ ان آواز تي هنجي نڙگهٽ ۾ هوبهو ساڳيو آواز پيدا ٿيڻ لڳو. پاڻي.... ڪهڙو سواد هوندو آهي پاڻيءَ ۾؟هنجي دل گلاس ۾ الڪي پيئي، جتي پاڻي هو....

نہ ماراھ...."

اهي "پيا" ڪير هئا، هن سوچيو. پر اها سوچ اهندي ئي، هن جي اکين جا پٽ وري بند ٿي ويا، ۽ هو پڇڪيو:

"پيا؟!...."

"ها ها، پيا.... جيڪي توسان گڏ هئا؟"

"مون سان.... پيا بہ گڏ هئا؟ ڪير هئا آهي....؟" هن جي بند اکين جي پنجرن ۾ ٻاچولا لرزڻ لڳا.

"ڙي.... جا اولاد، اهوئي نہ توکان پڇون ٿا!" ڪان جي ماڻهوءَ هن جي اوگهڙ ڪي نيٽ جي لڪڻ جواحساس ڏياريو. هن جا پنجر ڦڙڪيا، ۽ زور سان ڀڇي ويا. ساهہ هنجي ڦٽڪيءَ ۾ توريءَ دير لاءِ اٽڪي پيو، ۽ نيٽ جي لڪڻ جي مٿي ڪجهہ سان هن جي ناسن مان ڦوٽاڙجي ٻاهر نڪتو.

"هي ائين ڪين مڃيندو.... مون ڪي ڏيو اهو پلاس.... نہ نہ، اهو نہ.... هوءَ وڏي انبوري...."

اهي لفظ هنجي ڪنن توڙي اکين ڪونہ سمجهيا. هن ڪي الائي ڇو وري پنهنجي اوگهڙ ياد اچي ويئي ۽ ڪو آڏڪو گنڊ ٻڌجي هن جي ڦٽڪيءَ ۾ اٽڪي پيو. هنجي ٻبين، بغلن ۽ ڇڏن ۾ ڏپ جا ڦوڦيندا نٿين سر ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳا.

جڏهن هنجي پهرئين آڱوٺي جو ننهن پنهنجو ساس ڇڏي، انبوريءَ جي لوهہ جو رنگ اختيار ڪرڻ لڳو، تڏهن هنجي لوئن، ڪنن ۽ اکين جي ماڪڙن ۾ ڀهريون

ني پکهر جي ڦڙن ۾ ُتڙڪڻ لڳو، ۽ پوءِ پاري جهڙي تند جي لهر بڻجي، هن جي لوڻن ۾ پيهي ويو.

جڏهن هن جي لوڻن جي برف وڳهري، هن جي چاڙين کي ڏونڏاڙڻ لڳي، تڏهن وري هن ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو آواز ٻڌو: ”پاڻنجي تو نه هن کي پين جي ڪا خبرڪانهي!“

”پين جي خبر هجيس نه هجيس؛ پر هن کي اها يقينن خبر آهي ته هتيار ڪتي لڪل آهن.“ هي آواز نئون هو. ڳرو هو. بي پاسو هو. غيرجانبدار هو. ڪنهن به جذبي کان خالي هو.

”پر سچي ڪونه ڪندو.“ ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي آواز ۾ بيزاري هئي. ٺڪ هو.

”سچي نه هن جو بابو به ڪندو!“ اهو آواز اڃا به غيرجانبدار هو. ڪنهن به جذبي کان خالي هو. ٺڏو هو. بي پاسو هو.

”اوهين پاڻ ڏسو: اسان هر طريقو آزمائي ڏٺو آهي.... هاڻ نه ڪو لڳ سچو ڪونه اٿس، تڏهن به....“

”هون.... پوءِ ڇا ڪنداسون؟“ ان سوال ۾ پهريون ڀيرو ڪو جذبو هو. ڪا جانبداري هئي.

”جي ها.... اهو نسخو به آزمائي ڏٺوسون: هن جي زال، هن جي ڀيڻ.... ۽ ها، پوڙهي به.... هن جي ماءُ هئي شايد.... هن مان هڪڙي پيٽ سان هئي.... پرئي مهيني.... هن جي زال، يا هن جي ڀيڻ.... ياد نه ٿو اچي....“ ڪاٺ جو ماڻهو ڪليو. پر ان ڪل ۾ به بيزاري هئي، ٺڪ هو:

Gul Hayat Institute

سڏي سنواٽي ڪل، جنهنجو ڪو منڍ نه هوندو آهي، جنهن جي ڪا پڇاڙي نه هوندي آهي. بي‌مقصد، بي‌اطمينان ڪل.

”هاڻ ڪٿي آهن....؟“ نئين آواز ۾سختي اچي ويئي. ڪاٺ پيدا ٿي پئي.

”ڇڏي ڏنو سون.... صبح تيڻ ڪان اڳ، متان....“

”ڪجهه ڪيئون....؟“ سوال ۾ هڪ ڪان وڌيڪ معنائون هيون، يا هڪ ئي معنيٰ جا ٻه سوال هئا.

”ها.... نه“ ڪاٺ جي ماڻهوءَ مختصر جواب ڏنو. ان ۾ سڀ معنائون گڏيل هيون.

”ڇ هي....؟“ هي سوال ايترو مختصر نه هو.

”هي.... ها، ذري‌گهٽ ڇتو ٿي پيو هو.... پوءِ واسطا وڌائين.... ليلڙاليون ڪيائين.... پوءِ اوڇنگارون ڏيئي رنو، منهن‌گوڏن ۾ڪوڙي، ڪجھ وقت سڏڪندو رهيو، ُهڙڪندو هيو.“ ڪاٺ جو ماڻهو، ڪوشش جي باوجود، مختصر جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو.

”پوءِ ٻه سچي‌ڪرڻ جي نه ڪيائين؟“ اهوسوال هجڻ جي باوجود جڻ نه ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي جملي جو باقي حصو هو، جنهن ڪانسواءِ ڳالهه اڌوري هئي.

”ها... نه“ ڪاٺ جو ماڻهو وري منجهي پيو.

”ٻه هن جا همراه....؟“ آواز جي‌سختيءَ ۾ ڪجهه قدر ملائمي اچي ويئي.

”ٻي ڇٽا دوبدو فائرنگ ۾ مارجي ويا.... باقي هڪڙو جوهڪو ڏڪجي پيو هو، سو ٻه اسپتال ۾ مري ويو....“

Gul Hayat Institute

ڪاٺ جي ماڻهوءَ نيٽ جو لڪڻ ميز تي اڇلي رکيو ڄڻ
تہ نيٽ جو لڪڻ ٻہ سري وبو هجي، جنهن سان هاڻ هن
جو ڪو واسطو ڪونہ هو.

”۽ اسانجا ماڻهو....؟“ هي سوال ايترو جهيڻو هو جو
ڪاٺ جي ماڻهوءَ ان جي پڪ ڪرڻ لاءِ، مثل نيٽ جو
لڪڻ وري هٿ ۾ کڻي ورتو. ٻئي هٿ تي لڪڻ هڻندي
هن چيو:

”اڳين رپورٽ مطابق ست.... تازي رپورٽ مطابق
اٺ!“

”سو ڪيئن؟“

”اٺون ماڻهوهنن مان هو....هن پنهنجي رائيفل پنهنجي
ڪاڏيءَ هيٺ رکي، گهوڙو دٻائي ڇڏيو.... ڪن جو چوڻ
آهي تہ جڏهن ڪوٽ تي چڙهائي ٿي، تڏهن هن فائر ڪرڻ
کان انڪار ڪيو.... ۽ لاچار هن کي شوٽ ڪرڻو پيو....
هن جو لاش ان جي ڪنڌي جي پويان مليو....“

ان مهل هن کي هڪ ئي وقت ڪي ئي خيال آيا:
ڪاٺ جو ماڻهو، خاڪي ڊريس جو مسنطيل بڻجي ويو،
آسمان جي لڪنهنڊيءَ ۾ بي انداز تارا جهرمر ڪرڻ لڳا، روشني
جي ڏوهر ۾ انڊلٺ جا رنگ پرجڻ لڳا، ۽ انهيءَ ست رنگي
نور ۾ هن کي ”اٺون ماڻهو“ نظر آيو، جنهن جي هٿ ۾
رائيفل هئي، ڪا آس مُرڪ بڻجي، هن جي چپريل چپريل
چپن جي ڦوڪيندڙن ۾ ڦهلجي ويئي، ۽ هن پنهنجو سمورو
ست آخري پساهن ۾ ڳڏ ڪندي چيو:

”مان اوهان کي ڪجهہ نہ ٻڌائيندس!“

Gul Hayat Institute

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

### ٽڪرا ٽڪر صليب جا ۽ وانءِ ٽُلن چانئيون
مصنف: شيخ اياز

### ڪربلا
ليکڪا: نورالهديٰ شاهه

### ڪوٽ لکپت جو قيدي
مصنف: رسول بخش پليجو

### خط، انٽرويو، تقريرون (ياڳوپيون)
مصنف: شيخ اياز

### تاريخ جو ڪفن
مصنف: امر جليل

### جلا وطن
ليکڪا: نورالهديٰ شاهه

### هم وست
مصنف: آغا سليم

### سڌارٿ
مصنف: هرمن هيس

### آزادي خاطر
مرتب: فيروز احمد

### سانباهو سمونڊ جو
مصنف: الطاف شيخ

### هينئڙو ڏاڙهون گل جئن
مصنف: شيخ اياز

Gul Hayat Institute

## نيو فيلڊس جي شايع ٿيل 150 ڪتابن مان موجود ڪتابن جي لسٽ

| | | |
|---|---|---|
| 1- 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا | - | 20/- |
| 2- اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول) | آغا سليم | 45/- |
| 3- سي ئي جو پن ڏينهن (سفرمامو) | الطاف شيخ | 15/- |
| 4- سي پيڙيون رکين پاڄهه سين (سفرنامو) | الطاف شيخ | 20/- |
| 5- سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي | 20/- |
| 6- سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) | الطاف شيخ | 50/- |
| 7 - سپون | خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي | 25/- |
| 8- سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو) | قاضي عبدالمجيد عابد | 40/- |
| 9- آزادي خاطر (ڪهاڻيون) | مرتب: فيروز احمد | 35/- |
| 10- ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) | امر لعل هنگوراڻي | 12/- |
| 11- پيغامبر | خليل جبران/ ستار | 20/- |
| 12- هم اوست (ناول) | آغا سليم | 35/- |
| 13- آئيني جي اڳيان | 17 ساهتڪار | 12/- |
| 14- اڳي ايئن هياس (جلد 2) | فضل احمد بچاڻي | 25/- |
| 15- ست يوگو سلاويائي آکاڻيون | جڳت آڏواڻي | 10/- |
| 16- ست ڪشميري آکاڻيون | اختر محيعدين / ايشورچندر | 12/- |
| 17- پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري) | آغا سليم | 10/- |
| 18- پڳل ڪنيڙائيون | خليل جبران/ عبدالله الفائز | 25/- |
| 19- سرهي سرهي سار (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | 50/- |
| 20- ڏيئا تيل قليل جا | علي احمد بروهي | 30/- |
| 21- راڄ- گهاٽ تي چنڊ (شاعري) | شيخ اياز | 60/- |
| 22- موتي جي مهراڻ جا | مرتب: فيروز احمد | 75/- |
| 23- پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) | سراج | 50/- |
| 24- رات وچ ۾ (ناول) | بريٽ هيليدي/ فضل احمد بچاڻي | 20/- |
| 25- اڪ سور (ناول) | رابندر ناٿ ٽئگور | 50/- |
| 26- رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) | امرجليل | 40/- |
| 27- منهنجي دنيا هيڪل وياڪل (ناول) | سراج | 25/- |
| 28- جلا وطن (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاهه | 50/- |
| 29- جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون) | امرجليل | 50/- |
| 30- راهون چنڊ ستارا (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | 60/- |

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري تـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري تو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهـن ٿـا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جِئن جِئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم-گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

Gul Hayat Institute

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute